# س.ا.س سٽي سکر ڊاٽ ڪام

## ڊجيٽل بوڪ پبلشر

## www.sascitysukkur.com

## ايڊيٽر



## عبداللطيف انصاري

WEBSITE: www.sascitysukkur.com
E-MAIL : abdullateefansari@yahoo.com

# روز ٽڙن رابيل

## ادل سومرو

### (ٻارن جي لاءِ شاعري)

WEBSITE: www.sascitysukkur.com
E-MAIL : abdullateefansari@yahoo.com




**WEBSITE**: www.sascitysukkur.com
**E-MAIL** : abdullateefansari@yahoo.com

# پڙاڏو

شايد ساري دنيا ۾ اسان جو سنڌ علائقو ئي اهڙو علائقو آهي، جتي هن مهل تائين ٻارن جي ذهني تربيت ۽ سکيا لاءِ سرڪاري توڙي غير سرڪاري طور ڪي به مؤثر قدم نه کنيا ويا آهن. پاڪستان کان اڳ ٻار وٽ ان ڏس ۾ گهٽو ڪجهه ٿيڻ شروع ٿي چڪو هيو. اڪثر شهرن ۾ ٻارن جي لاءِ ذهني ۽ جسماني ورزش جا باغيچا نهيل ها. ڪيترن ئي شهرن ۾ ٻارن لاءِ لائبريريون هيون ۽ ڪراچي، حيدرآباد، سکر ۽ شڪارپور مان ٻارڙن لاءِ ڪيترائي رسالا ۽ ڪتابي سلسلا نڪرندا هيا.

پاڪستان کان پوءِ سڀ کان اول ان قومي ضرورت طرف، محترم مقبول پٽيءَ ڌيان ڏنو، جنهن حيدرآباد مان ”گلستان“ نالي ٻارن جو رسالو جاري ڪيو، جو چند سال هلي بند ٿي ويو. ان بعد سنڌي ادبي بورڊ ”گل ڦل“ جاري ڪيو، جو اڄا تائين، هلڻ نه هلڻ جهڙو هليو ٿو اچي. وچ ۾ ٿنڌي محمد خان جي ڪن نوجوانن ڪتابي سلسلا جاري ڪيا، جي به هينئر بند ٿي چڪا آهن. ان ڏس ۾ جمال رند صاحب به، ٻه ڪتاب، ”چانڊوڪي“ ۽ ”ٻاڪون“ سنا ۽ سهڻا شايع ڪيا، پر ان بعد ٻارن جي ادبي دنيا صفا ويران ٿي وئي. تازو سنڌالاجيءَ طرفان ”ٻاراڻا ٻول“ نالي ڪتاب، جناب تنوير عباسيءَ جو ترتيب ڏنل شايع ٿيو آهي. ڪتاب مواد جي لحاظ کان ته نهايت اتم ۽ اعليٰ آهي پر ڇپائيءَ جي لحاظ کان

منجهس اها خوبي ۽ ڪشش نه آهي جا ڪنهن ٻاراڻي ڪتاب ۾ هئڻ گهرجي. اهڙي ريت اڄڪلهه اسان جو سنڌي ٻار پنهنجي ادب جي دنيا ۾ ڇورو ڇنو ٿي چڪو آهي. ٽي - وي ءَتان به سنڌن پروگرامن کي ختم ڪيو ويو آهي. سواءِ روزاني اخبارن جي ٻارن وارن صفحن جي، هنن جي پڙهڻ جي لاءِ ڪوبه مواد موجود ڪري ڪونه ٿو ڏنو وڃي. ۽ اسان وڏن جي بي توجهي ۽ بي پرواهيءَ سبب اسان جو ٻار موڳو ۽ ويڳاڻو وقت گهاري رهيو آهي. ان ضرورت کي محسوس ڪندي ۽ ان اوڻائيءَ جي پورائيءَ جي خيال کان ادل سومري هي ڪتاب لکي ترتيب ڏئي شايع ڪرائڻ جو ارادو ڪيو آهي.

ادل سومرو سنڌ جو چاتل سُڃاتل نوجوان شاعر آهي. نئين نسل جي شاعرن ۾ منفرد مقام والاري ٿو. سندس شاعري پوريءَ ريت بلوغت کي رسي ڏينهون ڏينهن ڪيس اوچو مقام بخشي رهي آهي. خاص طور هن وائيءَ تي ڪافي سٺي دسترس حاصل ڪري ورتي آهي. وٽس فن ۽ فڪر ٻئي موجود آهن. ٻولي چڙهه سندس ٻانهي آهي.

ادل جهڙو سادو سپاءُ رکي ٿو، اهڙي ئي سندس ٻولي سادي ۽ سلوڻي آهي. سندس ذهن صاف آهي. معاشي ۽ سماجي مسئلن ۽ مامرن ڏانهن سندس پهچ ترقي پسنداڻي ۽ صحتمند آهي. هو وڏن لاءِ به لکندو آهي ته ننڍن لاءِ به. هن جا ڪيترائي گيت ۽ بول، ٻاراڻن رسالن ۽ اخبارن جي صفحن تي پکڙجي چڪا آهن.

ڪجهه وقت اڳ ڇپيل ۽ ڪجهه نوان لکيل ٻاراڻا بول ئي ادل هن ڪتاب ۾ ڪٺا ڪري ٻارن لاءِ سوکڙي ڏاهي

تيار ڪئي آهي. جيئن ته ڪتاب ٻارڙن لاءِ آهي، ان ڪري ان کي وڌيڪ دلڪش ۽ سهڻي ٻڻائڻ جي لاءِ ڪتاب جي مواد کي تصويرن ۽ خاڪن سان به سينگاريو ويو آهي **(نوٽ : اصل ڪتاب ۾ خاڪا ۽ تصويرون آهن پر اسين هن ڊجيٽل ڪتاب ۾، ڪن مجبورين جي ڪري اهي ڏئي نه سگهيا آهيون، جنهن لاءِ معذرت خواهه آهيون، ايڊيٽر: عبداللطيف انصاري ۽ اي بوڪس ٽيم)** اها خبر به مون کي اڄ پيئي آهي ته ادل سومرو آرٽسٽ به آهي.

هن ڪتاب ۾ ادل پنهنجي ساڳئي سادي ۽ سلوڻي ٻولي استعمال ڪئي آهي. اهڙي عام ۽ سولي ٻولي جا پرائمري جو شاگرد ٻالڪ به سولائيءَ سان سمجهيو وڃي. ان کان علاوه هنن شعرن جي اها خوبي آهي ته اهي ٻارن جي مشهور ۽ عام مروج ٻولن ۾ پيش ڪيا ويا آهن. ”پئسو لڌم پَٽَ تان“، ”ڪينگري ڪَ لوٽا“، ”ناني، ماني ۽ مار“، ”اَڏر ڙي ڪانگا“، ۽ ”پيچ پيچ مولا، چانديءَ جا گولا“ وغيره. اهڙا ٻول ۽ وراڻا آهن جي سنڌ جي ڳوٺ ڳوٺ، شهر شهر ، چؤنڪ چؤنڪ ۽ گهر گهر ۾ گونجندا رهندا آهن.

انهن ٻولن ۾ ئي ادل اسان جي ننڍي نئين نئين ٽهيءَ ۾ نئين پيدا ٿيل نسل سان مخاطب ٿيڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. انهن ٻولن ۾ ادل نه رڳو ٻارن لاءِ راند جو سامان ۽ وسيلو مهيا ڪيو آهي، پر انهن جي ذهني اوسر ۽ تربيت لاءِ به ڪوشش ڪئي آهي. ادل پيشي جي لحاظ کان استاد آهي، هن جو ٻارن سان روزانو اٺ ڪلاڪ واسطو رهي ٿو. ان ڪري هو انهن جي نه رڳو نفسيات کان واقف آهي، پر

سندس عمر ۽ تعليم مطابق سندن I.Q جي به چاڻ رکي ٿو. اهو ئي سبب آهي جو ڪاميابيءَ سان انهن جي ذهنن کي اُڀتي ۽ اوچو ڪرڻ ۾ ڪامياب ويو آهي.

ادل پنهنجي انهن ٻولن ۾ نه رڳو ٻارن ۾ قوميت جي جذبي ۽ تخليق پيش ڪرڻ جي ڪامياب ڪوشش ڪئي آهي، جيئن سندس بيتن ۾ ظاهر آهي، پر عالمي انسانيت، ڀائيچاري ۽ عظمت جي سوجهه ٻوجهه پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. هن نه رڳو ٻارن ۾ زندگيءَ لاءِ پيارُ عزم ۽ ارادي پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، پر سماج جي اوچ نيچ جي سولي ۽ سادي نموني ساڃهه به ڏني آهي.

ٻاراڻن ٻولن ۾ سماج جي استحصال ڪندڙ طبقي تي چٽرون ۽ ٽونڪون ۽ انهن جي استحصال کي ڪاميابيءَ سان پيش ڪرڻ ۾ ادل ڪمال خوبي ڏيکاري آهي. اهڙي طرح استحصال ٿيندڙ طبقي سان همدردي ۽ ان جي مظلوميت جو به چٽو نقش نظر اچي ٿو.

”پورهيت جي پُٽ جو نظم“، ”يا گونگو، ٻوڙو پنگلو ٻالڪ“ وغيره ان جو ثبوت آهن. ان ڪانسواءِ اصلاحي نقطن سان به ٿمثار آهي.

ادل جو ڪتاب، ”روز ٽڙن رابيل“ ٻارڙن جي ٻولن جو هڪ اهڙو مجموعو آهي، جنهن ۾ نه رڳو سنڌي ٻار لاِءِ وندرُ آهي، پر گڏو گڏ سندس ذهني اوسر ۽ واڌ لاءِ به مفيد مواد موجود آهي. سچ پچ ته هن سائنسي دؤر ۾ اسان کي پنهنجين ٻارن لاءِ اهڙو ئي مواد پيش ڪرڻ گهرجي. ادل ان ڏس ۾ ڀرين وک وجهي جسُ ۽ شاٻس لهڻي.

مونکي اميد آهي ته ادل اڳتي به اهو عزم ۽ ارادو جاري ساري رکندو ۽ اسانجي ٻالڪن لاءِ اهڙا ٻيا به ٻول لکندو ۽ شايع ڪرائيندو رهندو

**فيبروري 17، 1970ع**

رشيد ڀٽي
ٻُڍراج روڊ سکر سنڌ

# منهنجا گيت

ڪالهه مليا تي چار اياڻا
جملا جوڙي چٽر هاڻا
طنز ڪيائون
مونکي چيائون
يار رسالي ٻارن جي ۾
پنهنجا شعر ڇپائين ڇو ٿو؟
پنهنجو مانُ گهٽائين ڇوٿو؟
تن جا ٻاڙا ٻول ٻُڌي سي،
رُوح منهنجي کي رهنڊ اچي وئي
ڪاوڙ جي ڄڻ راڙ مچي وئي
ڪين چيو مون :
او نادانو !
شُهرت جا بُکيا انسانو !
جن جي خاطر آءٌ لکان ٿو
هن ڌرتيءَ جا ٻار ته آهن
توکان مونکان ڏاڙ ته ناهن
تنهجو منهنجو ماضي آهن
مستقبل جا ليکڪ شاعر
عالم فاضل قاضي آهن.
هن ڌرتيءَ جي رهواسين ۾
ننڍڙا ٻالڪ جيڪي آهن

WEBSITE: www.sascitysukkur.com
E-MAIL : abdullateefansari@yahoo.com

منهنجا گيت انهن جا آهن
ٻولَ ٻاراڻا تن جا آهن
آءٌ انهن جو قرضي آهن
تن جو قرض چُڪائڻ خاطر
منهنجا سائين آءٌ سدائين
جيئرو آهيان جيسيتائين،
ڏاهن جا سڀُ قول پُراڻا
گيتَ، نظمون ٻول ٻاراڻا
لکندو رهندس
لکندو رهندس...

# اسڪول

ڳوٺ ۾ هڪڙي جهوني جاءِ
آهي سا اسڪول جي لاءِ
پٽ ۾ ڏار
ڇت ۾ ڏار
مڪڙين جهڙا جنهن ۾ ٻار
پَٽَ تي ويهي روز پڙهن ٿا
الف اُڪ
بي ٻلا
ٻي ٻڪري
جهوني جاءِ چاڻ ڪِري.
مستقبل جا روشن تارا
دَرَ لٽن تي منهن موچارا
تيز جڏهن پيي واءُ لڳي ٿي
جهوني جاءِ مان دَرَ ڇٽي ٿي.

چوڏاري آ دَرَ ئي دَرَ
پير اگهاڙا
هيٺ ٻہ دَرَ
گهر ۾ ڪائن ٻُڪ جا ڳرَ
پڙهڻ اچن ٿا
دَرَ ئي دَرَ.

# پئسو لڏم پَٽَ تان

پئسو لڏم پٽ تان
پئسي ڳاهه نه مليو
ڏاڍو ڏک ٿيو.

او مينهن پٺاري!
قربن واري
آيس تنهنجي دَر
مونتي قرب ڪو ڪَر
ڏي ڪِيرَ ڇُڪي
شل رهين سُکي
مينهن ڪيرُ ڏنو
دل ڏِيُ مليو.

منهنجي امڙ مٺي
مونکا ڪير وٺي
ڏي لولو مٺو
آهي عرض اهو.

او منهنجا ٻچا !
توتان گهور وڃان
انُ ڪٽان اچي
لولو ڪيئن پچي

ڳنڍڙيون خالي ابا
اِڪ اِڪ الي ابا !
ڳالهه امڙ جي ٻُڌي
ويو سُور وڌي

او ڪانگل پيارا
سهڻن ڪنين وارا
تنهنجي ٻولي مٺي
تنهنجو راڳُ ٻُڌي
مَن مُرڪي پَڪي!
تو وٽ آيس ڪهي
وڃ مونسان وهي
تنهنجو ڪنُ ڪپي
ڏي ڪنپ ادا
تنهنجا ٽورا ٽيندا
ڪنپ ڪانوَ ڏنو
ٺهڪ هانوَ ڏنو.

راجا او راجا !
تنهنجي دَر تي سائين
سدا وڃن واجا
مونکان ڪنپُ وٺو
ٻڳهي گهوڙو ڏيو
راجا رنپ ڪئي

ڪري ڪنبُ پيو
دَبُ دڙڪو ٻُڌي
دل دهلجي وئي
هوش گُم ٿي ويو
راجا رڙ ڪندي چيو
ڪنبُ ڪانو جو ڏئي
تو آءِ نينگرا نادان!
مُنهنجي بيعزتي ڪئي.

راجا حُڪم ڏنو
هن کي سزا ڏيو
مارَ ملندي رهي
آءٌ رڙندو رهيس
آسَ دپجي وئي
ڏاڍي مارَ ملي
جسم سُڄي ويو.

چوچڙي ڦٿاڪو
ڪڏهن ڪوئي ڪاڪو
اهڙي پُل نہ ڪري
ڪين پَٽ تي ڪريل
کو پئسو ڪٽي
ٻگهي گهوڙي جي اندر ۾
آس رکي

پنڌ گھُمندو رهي
سبق پڙهندو رهي
اڳتي وڌندو رهي
گيت چوندو رهي :

چُوچڙي ڦٽاڪو
جيئي منهنجو بابو
بابو ويٺو ڪٽ تي
بابي ڏنو ٺڪو
آءُ ٻوڙيس هٿ ڏي.

# ڊيهاڻ ميهاءِ مامو

مامو منهنجو ڪچي
گهمڻ آيو ڊيها
گوشت نہ مڇي
امڙ چاڙهيا ميها.

پنڊيءَ مانيون پنج
مامي چيو گنجَ
پنجَ ويهان سَوُ
مامي ڪيو ديوُ.

شام جو بابو
جڏهن گهرِ آيو
مامي سان ملي
خوش ٿيو ڏاڍو.

رات جو بابي
ڪارو ڪُڪڙ ڪُٺو
مُنهنجو مامو مِٺو.

مامي ماني کائي
مومل راڻي جي
ڳالهہ ٻُڌائي.

**WEBSITE**: www.sascitysukkur.com
**E-MAIL** : abdullateefansari@yahoo.com

مومل جي ماڙي
وڃي وڃي تاڙي
اترادي نينگر
نيڙي لاڙي
ننڍَ جو نيٺ
اچي ويو ٽاٽو.

صبح جو ساجهري
مکڻ ماني کائي
مامي لانگ ورائي.

مامي ڏنو آڏي
آڏي ھُئي کوٺي
مامو ويو موٺي.

# او امڙ!

او امڙ...!
مُنهنجي مٺڙي ماءُ
ڪڏهن نہ توکي
مون آ ڏٺو.
فقط آ تنهنجو
نالو ٻُڌو..
مونکي وئين ۽ ڇڏي ڇو،
اڪيلو هتي..
ڏيئي پنهنجو پيارُ
وڃين ها پوءِ.....
سِڪي ساهُ تو لاءِ جيجل!
امڙ تون آءُ
لاءِ اچي گل
تنهنجي هنج ۾
هانءُ ٺري
امڙ اچُ تون قربُ ڪري
تون چو نہ ٿي اچين
سڏُ چو نہ ٿي ٻُڌين !

ها... جيجل! ها
ياد آيو....
هڪ دفعي بابو
سارُ ڪري

وٺي هليو هو
مونکي پري
جتي هُئا ڪيئي
مٿيءَ جا ڍيرَ
............ ۽ پوءِ
بيهي هڪ ڍير مٿان
بابي گهُري هُئي دُعا.
چيو هئائين مونکي :
هيءَ آ تنهنجي
امڙِ جي قبر..
..... پوءِ
مون امڙ!
تنهنجيءَ قبر کي
ڀاتو هو ڀاڪُر..
سڏيم توکي
تو نہ ڏنو هو سڏُ
پر امڙ !
تون ايندينءَ ڪينءَ
تنهنجي مٿان
مٽيءَ بارُ
توتي ناهي ميار
تون آهين مجبور
او منهنجي ماءُ !
..... پر
جڏهن مائرون

پنهنجن پارن کي
ڏينديون آهن پيارُ
تڏهن امڙ !
آءٌ سڪندو آهيان
ايندين آهين تون يادِ
.... پوءِ
لڪي لڪي روئندو آهيان
سڏڪي سڏڪي چوندو آهيان
مُنهنجي به ماءُ هُجي ها
مونکي به پيار ڪري ها....

# پيت

پيت ۾ ڏار
ڏار ۾ وارُ
وارن ۾ مِٽِي
تنهنجي منهنجي ڪٽي

پيت ۾ ڪلي
ڪِليءَ ۾ رِلي
رليءَ ۾ سُئي
ناني تنهنجي مُئي.

پيت ۾ فوٽو
فوٽوءَ ۾ لوٽو
لوٽي ۾ پاٽي
ناني منهنجي سياڻِي

پيت ۾ جارو
جاري ۾ ڪارو
ڪاري ۾ آنو
ڪاٽو تنهنجو نانو.

**WEBSITE**: www.sascitysukkur.com
**E-MAIL** : abdullateefansari@yahoo.com

پت ۾ دَري
دريءِ ۾ پَري
پَريءَ ۾ ديوڙو
منهنجو نانو سوڙو.

پت ۾ جهنڊو
جهنڊي ۾ ڏنڊو
ڏنڊي ۾ ڏارُ
تُون آن منهنجو يارُ

منهنجو پاءُ ڪاڪو
ڏاڪڻ جو ڏاڪو
چڙهندي چڙهندي
ڪائي ڏڪو
پَٽ تي ڪري پيو
پَٽ تان آڏي
ادي منهنجي لَڏي
تنهنجي منهنجي ٻڏي.

# پورهيت جي پُٽ جو نظم

منهنجو بابو جُنگُ جوان
سانجهيءَ تائين هرُ هلائي
جان جلائي انُ اپائي
آهي جڻُ ته سگهارو سانُ

تنهنجو پيءُ وڏيرو خيرو
ڪم نه ڪائي ڪارِ ڪري
ڪائي ڦاتي پيُ پري
وينو رهي ٿو ٻڄي ڳيرو

منهنجي پيءُ جي ننڊ حرام
سوڙهه ۾ سختيون سرسُ سهي ٿو
واندو ويهي ڪين رهي ٿو
هر دم هڏ هڻي ٿو جام.

تنهنجي پيءُ جا هڏ حرام
هيڻن تي ٿو حُڪم هلائي
هاريءَ ناريءَ تي ٿو لائي
ڳارِ جو زيپٽُ صبح شام.

منهنجو بابو ساڳيو ناهي
جو تنهنجي پيءُ جا پيرَ چُهي

**WEBSITE**: www.sascitysukkur.com
**E-MAIL** : abdullateefansari@yahoo.com

ڏاڍُ سهي، پر ماٺ رهي
منهنجو بابو جاڳيو آهي.

ريٽا جهنڊا ڦڙڪيا آهن
حق سندو آواز اٿاري
ڏاڍ کي ويندا هيٺا ڏاري
پنيٺ ڪيئي پڙڪيا آهن.

تنهنجي پيءُ جو پاپُ نه رهندو
ڏاڍَ ظلم جو وقت ويو
پورهيت آهي پاڻ سنڀاليو
هاري هاڻي ڏاڍُ نه سهندو.

پاپي هٿ هٿ وڍجي ويندو
هاري اٿندا هڪ هڻي
ڏنڊا ڏاتا ڏقا ڪٽي
سچُ سوپارو ساٿي ٿيندو.

تنهنجو پيءُ وڏيرو خيرو
منُ آ جنهن جو ميرو ميرو
منهنجو بابو ڪانڊيرو
اندر جنهن جو اجرو اجرو
مر مر جي پٿر جهڙو.

WEBSITE: www.sascitysukkur.com
E-MAIL : abdullateefansari@yahoo.com

# انگ پراڻا پول پاراڻا

ھڪ انگ ھڪ
اچي ٿو ماستر
لڪ ڙي لڪُ
مان ڪانوان مائو
تون ويٺو سڪُ

ٻہ انگ ٻہ
جوڳي ڙي جوڳي
ٻُڌاءِ مونکي تہ
اڄُ منھنجو بابو
ايندو ڪي نہ.

ٽي انگ ٽي
پڙھڻ وڃان ٿو
جيجل ماني ڏي
سبق پڪو آ
الف بي تي.

چار انگ چار
نياڳو نينگر
ڪيڏي ٿو ڳارِ
سياڳو نينگر
ڳُلن جو هارُ.

پنج ايڪا پنج
مامي ڏني مٺي
امڙ ڪنيم هنجَ
بابي ڏني پائلي
ڳنجَ ئي ڳنجَ.

# ڪوجهڙا هي ڪارڙا هي ٻارڙا

هي ڪوجهڙا هي ڪارڙا
ساٿين جا ٻارڙا
ابي امڙ جي
اکين جا تارڙا.
رَڃَ ڪُلهي تي
پُٺا اگهاڙا
مٽيءَ ۾ ميرڙا.
پيٽ جي خاطر
نڪهڻ اُس ۾
سنڌوءَ ڪپر تي
مڇي مارڻ لئه
پائن ڦيرڙا.

ڪياماڙي بندر
سمنڊ جي اندر
مڪراڻي ٻارڙا
ڳهُنڊڙي ڳهُنڊڙي
مٽي جا وارڙا.

پيٽ جي خاطر
هي معصوم ٻارڙا
ڪاري ڪساري

پاڻيءَ جي اندر
ٽبيون هڻن ٿا
تفريح جي خاطر
ايندڙ ماڻهن جا
اڇليل پئسا
سمنڊ تري مان
ڪڍي اچن ٿا.

هي غريب ٻارڙا
ننڍڙا ويچارڙا
پئسن پوئتان
ڊوڙندي ڊوڙندي
سمنڊ جي اندر
لُڙهي وڃن ٿا.

ڪارڙا هي ٻارڙا
پڙهڻ لکڻ جي
ڪين َ ٿا ڄاڻن
تن کي ڪائي
خبر نه آهي.
الف ڇا آهي
ب ڇا آهي.

ڇا هي ويچارڙا
ساٿين جا ٻارڙا

مکراٽي پارڙا
ائين سدائين
کارين اُسن ۾
سڙندا ئي رهندا
لهرن وچ ۾
لُڙهندا ئي رهندا.

WEBSITE: www.sascitysukkur.com
E-MAIL : abdullateefansari@yahoo.com

# لولي

تون نہ مَرين ها هيلَ او پُٽڙا!
بابلُ تنهنجو قيدَ ڪڙن ۾

موت جي پاپي چار ۾ ڦاتي
چڻ ڪا اڪيلي ديلَ او پُٽڙا!

تنهنجي پيءُ جهڙن جوڌن لئہ
جوڙيل آهن جيلَ او پُٽڙا!

پيئر تنهنجون روز رڙن ٿيون
وِسريا سُرما تيل او پٽڙا!

تنهنجي بُٺيءَ تي بوندون برسن
روز ٽڙن رابيل او پُٽڙا!
بابل تنهنجو قيد ڪڙن ۾.

WEBSITE: www.sascitysukkur.com
E-MAIL : abdullateefansari@yahoo.com

# نئون نظم

اڇو اوهان کي ٻول ٻڌايان
قولَ سچا کي ڍولَ ٻُڌايان.

روڊو راجا ڪاٽي راٽي
رب سڳورو سڀَ جو ساٿي.

ديڳ دال جي مانين ڪارو
چوڻ وڏن جو ونجي ٻارو.

واڱڻ پيندي توري ڪريلو
نند مان اٿجي روز سويلو.

بصر پٽاٽا پالڪ گوبي
ڪُوڙ نہ چئجي ٿجي نہ لوبي.

ڳُڙ مٺائي، کنڊ پتاشو
سُٺي ڪان سنگت، ٻُري ڪان پاسو.

سيرُ سيري جو پاءُ پڪوڙا
لفظ نہ چئجن ڪنهن کي ڪُوڙا.

سنگَ سُنهرا سائو گاهُ

**WEBSITE**: www.sascitysukkur.com
**E-MAIL** : abdullateefansari@yahoo.com

لکڻ پڙهڻ سان رکجي چاهُ.

ڳاڙها ڏاڙهون، ساوا ڪيلا
اجهي ٻارن جا ٿيندا ميلا.

ڪلڪَ نئين پَر پَٽي پُراڻي
پوري اسانجي ٿي ڳڏجاڻِي.

# ٻڪي جو ڪوڙو

ٻوڙو ٻارو ٻوڙو
اچي پڙهو ادل جو
ٻِڪي جو ڪوڙو.

ايڪ ڏون ڏون
جيئين مِٺي جيجل!
جيئين بابا ٽُون.

ٻہ ڏون چار
هنڌ تي ننڍ ۾
گُلن جهڙو ٻارُ.

ٽہ ڏون ڇهَ
ڪُراڙي ڪنوارڪي
چانديءَ جا ڳهہَ.

چار ڏون اَٺ
سُٺي آهي سادگي
نہ ڪري ايڏا ٺَٺ.

پنج ڏون ڏَههَ
ننڍڙيءَ عمر ۾
پچائي نه پَههَ.

ڇهه ڏون ٻارنهن
ڏُڌ ڏُڌ پينگهڙي
اڃان تُون ٻارُ هان.

ست ڏون چوڏهن
تون ته بخيل آن
ڪيرُ ايندو توڏانهن.

اَٺ ڏون سورهن
توکي سزا ملندي
تون ته ڪم چور هان.

نان ڏون ارڙهن
سيئي ساهه وارا
ادا! آهن مرڻا.

ڏهه ڏون ويهه
ٻارن جي رسالي تي
ايتري پيهه.

**WEBSITE**: www.sascitysukkur.com
**E-MAIL** : abdullateefansari@yahoo.com

# اُڏر ڙي ڪانگا...!

چلهي ۾ باهه
چلهي ۾ ڪُنو
ڪُني ۾ ٻوڙ
ٻارن مچايو گهر ۾ گوڙُ
امان مونکي ماني ڏي
جيجل مونکي ماني ڏي
ٻوڙ اُٿ جو امان
ڪين ڳرندو امان!
ڏاڏو ڪيئن چٻيندو ٻوٽي
ڏاڏي ڪيئن چٻيندي ٻوٽي.

امان او امان!
اهڙي شيءِ نہ ڏئي
جيڪا توکان مٿي
امڙ خوش وسين
ڪو ڏک نہ ڏسين.

بابا او بابا!
مون تي آهن اوهان جا پالَ
اوهين سُکيا رهو شالَ
جڏهن وڏڙو ٿيندُم
سُک اوهان کي ڏيندم.

اُڏر ڙي ڪانگا!
ڪيرُ ٿو اچي؟
مامون لاڙڪاڻي کان ايندو
مونکي مائو آڻي ڏيندو
مامو سدائين جيئي
ڪنڊون ڪيرُ پيئي
مائو توکي بہ ڏيندُس.

اڏر ڙي ڪانگا!
ڪير ٿو اچي؟
چاچو ڪراچيءَ کان ايندو
مون لئہ گجک وٺي ايندو
چاچو سدائين جيئي
ڪنڊون ڪيرُ پيئي
گجک توکي بہ ڏيندُس.

اڏر ڙي ڪانگا
ڪير ٿو اچي؟

امان او امان!
اسان روز سکون
ماموچو نہ تواچي
مامي وساري ڇڏيو
ڪانگُ ڪوڙ تو چوي.

بابا او بابا!
چاچو چو نہ تواچي
چاچو وڏو ماٺھو آ
چاچي وساري ڇڏيو آ
ڪانگُ ڪوڙ تو چوي.

اُڏر ڙي ڪانگا
تون ڪُوڙ تو چوين
مامو ڪونہ ايندو
چاچو ڪونہ ايندو.

WEBSITE: www.sascitysukkur.com
E-MAIL : abdullateefansari@yahoo.com

# مُرڪون موتيون ماڳ تي.

ٻاجهر سنگ پچن ٿا
ڌرتيءَ ٻار نچن ٿا.

ٿڌڙا مينهن پون ٿا
ٻاڙها گُل ڦُٽن ٿا
ڍيڙا ڍور چَرن ٿا
ڪوئل ڪٽچي تتر طوطا
وڻ وڻ لات لنون ٿا
ريڊر راڳ چون ٿا
نچندي ٽپندي
ڪلندي ڪُڏندي
ٻالڪ راند رهن ٿا
ماٽن کيرَ جهُٻن ٿا
ڏکيا ڏينهن مرن ٿا
سکيا ڏينهن ورن ٿا
شادين سوڻ ٿين ٿا
ميهرَ موڙ ٻڌن ٿا
واجا خوب وڄن ٿا.

**WEBSITE**: www.sascitysukkur.com
**E-MAIL** : abdullateefansari@yahoo.com

پنهوارن جي پڪڙن مان
ٺهہ ٺهہ ٿهڪ اچن ٿا
وستيءَ وستيءَ
ميڙا موج مچن ٿا
ڌرتيءَ پار نچن ٿا
ٻاجهر سنگ پچن ٿا.

WEBSITE: www.sascitysukkur.com
E-MAIL : abdullateefansari@yahoo.com

# گونگو، ٻوڙو، پنگلو ٻالڪ

هي جو ٻالڪ روئي ٿو
ڳوڙهن سان منهن ڌوئي ٿو

ساري جڳ ۾ آهي اڪيلو
ناهي تنهن وٽ مرڪن ميلو

لڳ سمورا مٺيءَ ميرا
دل ۾ جنهن جي دردن ديرا

ليڙون ليڙون ويس انهيءَ جو
ڪوبہ نہ آهي ديس انهيءَ جو

ڪنهن ماءُ جي هن لئہ لولي ناهي
هن جي ڪائي ٻولي ناهي

ڪنهن جي باغ جو گُل نہ آهي
هن جو ڪوئي مُلهہ نہ آهي

پنگلو آهي رڙهي هلي ٿو
هر ڪنهن آڏو جهول جهلي ٿو

WEBSITE: www.sascitysukkur.com
E-MAIL : abdullateefansari@yahoo.com

ڏسي پسي ٿو ڪين ٻڌي ٿو
زبان هوندي ڪينَ ڪُڇي ٿو

آس اندر ۾ هن ڪي چاهي
ڪنهن کي ڪائي خبر نہ آهي

فوٽ پاٿن تي پلٿي ماري
ويٺو پنهنجون گهڙيون گهاري

هر ڪنهن پنهنجا پار وڻن ٿا
خوشيءَ منجهان تن هنجَ ڪڻن ٿا

پر هي پالڪ گونگو ٻوڙو
هر ماڻهوءَ کي آهي ڪوڙو.

# علم ۽ اخلاق

جنهن ۾ آ اخلاق ادا
اهو ٻار ائين آ ٻارن ۾
جيئن چنڊُ ٿو چمڪي چوڏهين ۽ جو
اڀ تي مڙني تارن ۾.

جو ابي امڙ جي عزت ڪي
۽ ادب رکي استاد سندو
تنهن ٻارڪي هر هنڌ مانُ ڏئي
پوءِ هرڪو ماڻهو پيارُ ڪندو.

جيڪو چوکر رهندو سدائين
اجرو اجرو صاف صفا
تنهن جي ويجهو مُور نه ايندي
پائو پوءِ بيماري ڪا.

رلڻ جي بدران جنهن ۾ آهي
لکڻ پڙهڻ سان پريت گهڻي
سو چوکر سرسُ سوپارو ٿيندو
سڀ ڪان ويندو گوءِ کڻي.

**WEBSITE:** www.sascitysukkur.com
**E-MAIL :** abdullateefansari@yahoo.com

اچو ته پارو عزم ڪيون
اڄُ جفاڪشي ۽ محنت جو
چني ڇڏيو اڄ ناتو اڏڙا
سستيءَ سان سڀ صحبت جو.

WEBSITE: www.sascitysukkur.com
E-MAIL : abdullateefansari@yahoo.com

# ڪينگري ڪَ لوٽا

ڪينگري ڪَ لوٽا
پاڻيءَ پريا ڦوٽا
تنهنجا ماما ڏيرا
منهنجا ماما موٽا
حوا جون پوٽيون
آدم جا پوٽا
نانيءَ جي ٽپڻيءَ ۾
ڳاڙها ڳاڙها ڳوٽا
ڪي ڪي ماڻهو
اندر جا کوٽا
رولو چورن ڪاڏا
سائينءَ جا سوٽا.

ڪينگري ڪَ لوٽا
گُلن سجايل
نينگريءَ جا چوٽا

ڪوهُ ڪمڻ خان جو
ڏاند ڏاتر ڏني جا
ڪوهَ ۾ ڪارو پاڻي
پاڻيءَ ۾ ڏيڏر

**WEBSITE:** www.sascitysukkur.com
**E-MAIL :** abdullateefansari@yahoo.com

ڏاڍيان هر هر
’ٽان ٽان‘ ڪن ٽا
وڻن تي ڪانوَ
ڪان ڪان ڪن ٽا
ڏاند مٿارا
ٻان ٻان ڪن ٽا
ڪوهہَ چوڏاري
ڏاند هلن ٽا
ائٽ ڦري ٽو
ڪينگري ڪَ لوٽا
پاڻيءَ سان ڀريا
مٽي اچن ٽا
هارين جا ٻارڙا
گڏجي نچن ٽا

ڪينگري ڪَ لوٽا
پاڻيءَ ڀريا ڦوٽا
بابي جي پوک ۾
ڦڪِ ادي ڦوٽا.

# ٽري ٻارن جو گيتُ

اسين آهيون ٻار ٽري
ڳالهه ڪيون ڪري ڪري
پل نه ڪوئي رُسي رُسي.

اجرڪُ لاڙ جو
اتر جي ٽوپي
سڄڻ جي سوکڙي
جنڊيءَ جا پاوا
هالن مان بابي
مون لئہ آندا.
اسين آهيون ٻارَ ٽري
ڪين اسان ۾ ساڙ ذري.

اجرڪ ريٽو
اڇڙي ڦُلڙِي
ڪوبہ اسان ۾
فرق نہ ڦيٽو
قرب اسان جو
واريا سي تي ولڙِي.

اتر جي ٿوڦي
ڪاون واري
ڌهر ڌهر ۾
عمر گُذاري
آهي اسان جي
سچ سان ياري.

جنڊيءَ جا پاوا
ريشم جو وارُ
وسن وسن وڏُڦڙا
ٻَر ٿين ساوا
ٻکيون سدا اُپَ ۾
پاڻيءَ ڪارڻ.
ٿل مينهن وسن
سُور وڃن
سُک اچن
گُل ٽڙن
ٿري پارڱڏجي گيت چون.

اسين آهيون پار ٿري
ڳالهه ڪيون ڪري ڪري
پل نه ڪوئي رُسي رُسي.

# اُپ ۾.........

اپ ۾ تارا
سارا ڳوٺ وارا
ماڻهو سچارا
ڳوٺ ۾ باغ
باغن ۾ ڳيرا
ڳُوڳُو ڪن ٿا
ڪتا ڪائي ٻير
هاريءَ جا ٻارڙا
ٽُو ٽُو ڪن ٿا.

اپ ۾ راڪيٽ
اَن جو پاڇڪو
وڏيري جو پيٽُ
وڏيري جي پڳَ وڏي
وڏيري جي دل ننڍي
وڏيري جا محل وڏا
وڏيري جا ڪم جڏا.

اپ ۾ ڪڪر
ڪيهان ڪن ٿا
ٽڏڙا ٽڏڙا
مينهن پون ٿا
ڳوٺ جا ڇوڪرا
ٻڌي لانگوٽا
ڊوڙ هڻن ٿا
پيچ پيچ مولا
چانديءَ جا گولا
جهڙ لڏيون لائون
هاشم جي هٿ تي
چٽا هلي ڪائون.

اپ ۾ چنڊُ
گهر جي اڱڻ ۾
ناني پيهي جنڊُ
اَن جا داڻا
ڏري ڏري جنڊ ۾
ٿي پيا ساٽا
داڻن منجهان ٿي پيو
اڇو اڇو اٽو
اٽي مان ماني
جيئي منهنجي ناني.

اپ ۾ لغڙ
امڙ پچايا
گهر ۾ ڏيڱڙ
تون ۽ آئون
ٻوڙي گهر ڏانهن
ڏيڱڙ هلي ڪائون.

WEBSITE: www.sascitysukkur.com
E-MAIL : abdullateefansari@yahoo.com

# بيت

تون جي وڏي ورڻ ٿئين، ٻوٽي جهڙا ٻار
پن پڪيڙي ڏار، ڌرتي ڪجانءِ چانورو.

هونئن ته هر ڪنهن ٻارَ م مهڪي پئي مٽيا
پر جي سنڌ چٽيا، تن جي مٽِ ڪو ڪينڪي.

هونئن ته هر ڪنهن ٻار ۾، ٻاٻيهل جا ٻول،
آهن پر انمول، سڀ ڪان سنڌي ٻارڙا.

هونئن ته هرڪو ٻارڙو، هر هنڌ آ سينگارُ،
پر سڀ ڪان سنڌي ٻارُ، سرسُ سچ جي سونهن ۾.

هن ڌرتيءَ جا ٻارڙا، سچ سان سڀ رتول
ٻاجهه نسورا ٻولَ، قول به قربن جهڙا.

گُلن جهڙا ٻارڙا، ڪندين ڪان نه ڏجُ،
سُک جي ڪرندي وڄُ، سَڙي ويندا سُور سڀُ.

WEBSITE: www.sascitysukkur.com
E-MAIL : abdullateefansari@yahoo.com

هُجي هر ڪنهن هنڌ پل ته پلاري ماءُ
ماءُ سنڌيءَ جو ساءُ ناهي ٻي ڪنهن هنج ۾.

هن ڌرتيءَ جون اکيون، تو ۾ آهن پيار
وڏو ٿي ڪين ڪجاڻ دل ڪان ڌرتي ڌار
ابي امڙ جي سارَ پهرين لهجاڻ پُٽڙا!

# وڏن وائي جن وساري

ڪيري ۾ جهرڪيءَ جي هنج ۾ پيون
سندس ننڍڙي ٻچڙي ٿي ڳالهيون ڪيون.

ڪولي ڇُنپ پنهنجي ۾ پرڙا هٽي
چيو ٻچڙي جهرڪيءَ کي عاجز ٻٽي

امڙ! آءٌ هينئر ننڍو ڪين آهيان
ڪيري مان نڪري اڏامڻ ٿو چاهيان.

سگهو ڏي تون موڪل او منڙي امان!
ٻاهر چا آهي ڏسي آءٌ اچان.

جهرڪيءَ وراڻيو اي پيارا ٻچا!
عضوا اجا آهن تنهنجا ڪَچا.

اجا مهل توکي آ پالڻ سندي
ڪانهي سَگهه تو ۾ اُڏامڻ سندي.

جڏهن ٻاهر جهرڪي اڏامي وئي
تڏهن ڪانه دلڙي ٻچي جي رهي

WEBSITE: www.sascitysukkur.com
E-MAIL : abdullateefansari@yahoo.com

اڏامڻ جو دل ۾ وڌي ويس خيالُ
آڪيري ۾ هيئڻ ويهڻ ٿيس محال

امڙ جو گهڙيءَ ۾ وساري ڇڏيو
آڪيري مان جلدي اڏامي ويو

اچا جو اڏاميو ٻچو ڪُجھ پري
اچي پَٽ پيو هو ڦهڪو ڪري

جهرڪيءَ جو ٻچڙو ڪريو هو جتي
آئي اوچتو هڪڙي ٻلڙي اتي

ڪري ڪين ڪوئي ٻچي تي رحم
گهڙيءَ ۾ ٻليءَ ڪيُس ڪائي ختم

جو مجي ڪين ننڍڙو وڏن جو چيو
سو مصيبت ۾ ڦاسي سدائين پيو.

# ننڍڙا ياءُ...!

منهنجا ننڍڙا مٺڙا ياءُ
ٻوڙي جلدي مون وٽ آءُ

پيار مان توکي ياڪُر پايان
هن ديس جي درد جي ڳالهه ٻُڌايان
پيڻُ مان تنهنجي پائڙا آهيان
هيءَ ڌرتي آ اسان جي ماءُ
او ننڍڙا ياءُ..!

هن ڌرتيءَ آهن سور سَٺا
افغانن جا تُرخانن جا
جن هتڙي ڪيئي ڪيسَ ڪيا
هر سنڌيءَ سوڍي سڙيو ماهُ
او ننڍڙا ياءُ..!

ٽيندين جڏهن تون جُوان ادا!
رکي سچو ايمان ادا!
ڪجانءِ تون قربان ادا!
ديسَ تان پنهنجو ساهُ.
او ننڍڙا ياءُ..!

**WEBSITE**: www.sascitysukkur.com
**E-MAIL** : abdullateefansari@yahoo.com

# اٺُ جي اوجهري، رڍ جا جيرا..

خيرا او خيرا!
آيو آهيان تو وٽ
ڪيترا پيرا
منهنجي ڳالهه تون ٻُڌ
توکي ڏيان ٿو سڌ
سپاٽي ريل ۾
ادل منهنجو ايندو
حاجيءَ جي باغ جا
بير اچي ڏيندو
مٺا مٺا آءٌ کائيندُس
کٽا توکي ڏيندُس
توکي ڳالهه وٽي
چڱي تون ها ٻه ڪٽي.

روهڙيءَ جون ڪارڪون
ادل آيو خير سان
نانيءَ مُبارڪون
ماما مُبارڪون.

مامو مٺارو
وڏين مڇن وارو
جمعي جو ڏينهن

مامو منهنجو شينهن.
تنهنجو مامو ڏنو
ٻليءَ ڪان ڊنو

خيرا او خيرا!
اُٺَ جي اوجهري
رڍَ جا جيرا
مڪڙ مانڌاٽِي
ڪيرَ ۾ پاٽِي
ناني تنهنجي ڪاٽي.

راجا راڻي
سُرمي داڻي
ناني منهنجي سياڻي.

# سوالُ

آءُ توکان پُڇان
ڏسُ ڏي ڪو امان!
ويو بابو ڪيڏانهن؟
امڙ آهين چَري
مونکي چوٿي چوين
بابو ويو آ مَري
ڏس مونڏانهن امڙ
منهنجو بابو ويئو
مون ۾ وايون ڪَري
جيجل توکي ڏسي
منهنجو هانءُ ٺري.

مُنهنجي ماءُ مٺي!
هڪ ڳالهه نه ڪَر
امڙ ڏي ڪا خبر
جيجل، راتيون جاڳي
تون جندُ پيهين
ڏينهن تتن جو
اُس ۾ بيهين
گاهُ ڪرين
۽ مالُ ڌُهين
تنهنجي هٿن ۾

ڏاڍيون لڦُون
پوءِ به امڙ!
اسين ڪاٺيون ٻُڪون..

# ٻارڙن ٻولن ۾ نصيحتون نروار

الف : اک
اک ۾ ککُ
ڪاڪا ڪتابن سان
سنگت تون رکُ

ب : ٻُک
ٻُک نسوري ٻاھ
ڏسي ڏولاوا ڏاڪڙا
چوکر دل نہ لاھ.

ٻ : ٻڪري
ٻڪري کائي گاھُ
پيارا پُٽڙا ديس تان
صدقي ڪجان ءِ ساھُ.

پ : پولو
پولي ڏنو ٻُل
سبق پڙھجي صبر سان
ڪجي نہ ٻارو ھُل.

ت : تارو
تارو چمڪي وارو
ساٿ چڏي سچ جو
ڪوڙ نه چئجي پارو

ٿ : ٿنيو
ٿنيو پُراٽو
علم جي دولت آهي اعليٰ
ڪوڙُ نسورو ناٽو.

ٽ : ٽوپي
ٽوپي پاءِ
مهل ملهائتي پائڻا
ويهي ڪينَ وڃاءِ.

ٺ : ٺڳ
ٺڳُ ويو جيل ۾
صبح ساجهُر وهنجي پارو
وار ٻوڙيو تيل ۾.

ث : ثواب
ثواب سڀُ ڪتو
ڏيئي ڏکويلن کي
اجهو ، لٺوءِ اٺو.

پ : پلو
پلو درياهه شاهه جو
اڄُ جو ڪمر اڄُ ئي ڪريو
ناهِ ڀروسو ساهه جو

ج : جتُ
جت ڪائي پتُ
ٻارو پنهنجي ٻولي ساڳي
ساڳيو پنهنجو رتُ.

ڄ : ڄيڀ
ڄيڀ نه ڏيڪار
آءُ تنهنجو آهيان ياءُ
ويرُ وسار.

جهه : جهرڪي
جهرڪي نماڻي
پڙهو پڙهو ٻارڙؤ
صبح سومهاڻي.

ڃ : مُڃ
مُڃ وٽِ
ادا! اُٺي ساجهري
اڪِ ٻَٽِ.

ڄ : ڄَتُون
ڄَتُونءَ ساوا پَر
بد اخلاق ٻار لئہ
بند سِين جا دَرَ.

ڇ : ڇٽي
ڇٽي اُس بچاءُ
ملڪ جو مانُ وڌايو ٻار
وريو آهي واءُ.

ح : حبشي
حبشيءَ ڪارو رنگُ
جڳ ۾ جيئڻ جو
ڍولڻ سکو ڍنگُ.

خ : خچرُ
خچر وڏا ڪن
ڏندڻ ڏيو ڏندن کي
اُجرا رکو تن.

د : دهل
دُهل تي ڌمال
ٽڙو سدا گُل جيان
ٻارو جيئون شال.

**WEBSITE**: www.sascitysukkur.com
**E-MAIL** : abdullateefansari@yahoo.com

ڌ : ڌوٻي
ڌوٻي مير مِٽاءِ
ٻالڪ! قول وڏن جا
هينئين سانڍ هنداءِ.

ڏ : ڏيڏر
ڏيڏر جو آواز
محنت ۾ ئي آهي ٻارو!
ڪاميابيءَ جو رازُ.

ڊ : ڊيل
ڊيلَ ٿي ڊوڙي
ٻالڪ! ساڙ حسد جا
پيٽ ڇڏ پوڙي.

ڍ : ڍڳو
ڍڳي وڏا سنگ
اڇي اجري پاءِ پوشاڪ
ڌوئي پوئي لڱ.

ذ : ذرو
ذرو ئي گهٽو
جيترو ڪائو چوڪرا
اوترا هڏ هٽو.

ر : رڇُ
رڇ وڏا وارَ
جن ۾ آهن ادب اخلاق
سيئـي وٽن بارَ.

ڙ : ماڙي
ماڙِيءَ مٿان مورَ
پڙهن بدران جهانگي چوكر
چارن ويٺا ڍور.

ز : زنجير
زنجير لوهي
جنهن بارَ ۾ چوريءَ عادت
وڏو سو ڏوهي.

س : سانُ
سانُ متارو
لالچ جي چنبي كان
پارڻ بچايو بارو.

ش : شينهن
شينهن ڦاٽو چار ۾
جهڙو منهن ماحول جو
تهڙي عادت بار ۾.

ص : صندوق
صندوق ۾ سامان
پاڻ نندين سان پيارُ ڪجي
وڏڙن ڏجي مانُ.

ض : ضعيفُ
ضعيفُ ڪراڙو
سٺن ٻارن جو سدائين
پڙهڻ ڏانهن لاڙو.

ط : طوطو
طوطا ٻوليون ٻول
سٺا پڙهي ڪتاب ادا!
ذهن پنهنجو کول.

ظ : ظالم
ظالمن کان بچُ
پاسو ڪريو ڪوڙن کان
سدا ٻوليو سچُ.

ع : عينڪ
عينڪ نياري
گلن جهڙا ٻارڙا
سنگت پياري.

WEBSITE: www.sascitysukkur.com
E-MAIL : abdullateefansari@yahoo.com

غ : غاليچو
جيڪو ٻالڪ ڏنگو سو
پاءُ وڏو شيطان جو.

ف : فانوس
فانوس ٿو ٻري
ڏسي پنهنجي پُٽ کي
امڙ ٿي ٺري.

ڦ : ڦيٿو
ڦيٿو ٿو ڦري
ڦرهي ڪٽي اچي اسڪول
ٻالڪ ٿو هري.

ق : قلم
قلم سليٽي
ڳاريلي چوڪرڪي
مارَ ملي ٿي.

ڪ : ڪُتو
ڪتو وفادار
ادب ڪر استاد جو
توکي ڪندو پيارُ.

ڪ : ڪٽ
ڪٽ تي ويهُه
نظر نه لڳي توکي پُٽڙا
ڏائڻ آهي ڏيهُه.

ڳ : ڳڏهُه
ڳڏهُه ۽ ڳاڏو
حقو جنهن جي هٿ ۾
منهنجو سو آ ڏاڏو.

ڱ : ڱيرو
ڱيرو ٿو ڱائي
سوئي سڏبو سورهيه نينگرُ
ڪاوڙ جو ڪائي.

گھ : گھوڙو
گھوڙو ٿو ڊوڙي
سڪ جو هر هنڌ ساٿيئڙا
جهندو چڏ ڪوڙي.

گ : سگ
سگن واري گئون
آهي ڏينهن تتلُ ادا!
اڄُ نه سمهي پئون.

ل : لڪڻُ
لڪڻُ تاريءَ جو
پڙهي پهتو عرش تي
پُٽ هاريءَ جو.

م : مسُ
مسُ ڪاري
سوئي پشيمان جنهن جي
رُلڻ سان ياري.

ن : نٿ
نٿ پاتي ڪنوار
تنهنجو پاڳُ پليرو ٿيندو
شوق علم جو ڌار.

ڻ : وڻُ
وڻ تي ويٺو ڪانءُ
پالڪ تنهنجي دم سان
ديس جو روشن نانءُ.

و : واڍو
واڍو وڍي وڻ
ڳلا غيبت ڪان پاسو پٽڙا
ڪڏهن نه چُغلي هڻ.

WEBSITE: www.sascitysukkur.com
E-MAIL : abdullateefansari@yahoo.com

ھ : ھرڻُ
ھرڻيءَ ھنئين ڏُڪَ
اسڪول ڪان پيچرڻ جي
ڪجي نہ ٻارو چُڪ.

ءِ : چاءِ
چاءِ پيءُ
ادا! ابي امڙ جي
ڪڏھن نہ آڏو ٿيءُ.

ي : ياقوت
ياقوت مُلھ وڏو
محبت ماڻ مٿانھون ٻارو
ٻُرو آھي ڦڏو.



# ادل سومرو

**WEBSITE**: www.sascitysukkur.com
**E-MAIL** : abdullateefansari@yahoo.com